امیراھل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب"مدني پنج سورہ" جي ھڪ قسط بنام

# دُعا گھرڻ جا 17 مدني گُل

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بیروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

ڇاپو پهريون: جمادي الآخر 1444ھ جنوري 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه


دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي


جي ڪتاب ”مدني پنج سوره“ مان ورتل رسالو

# دعا گهرڻ جا
# 17 مدني گل

ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

دعاءِ عطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
دعا جي اهميت ........ 1
دعا بلائن کي ٽاريندي آهي ........ 2
عبادتن ۾ دعا جو مقام ........ 2
دعا جا ٽي فائدا ........ 2
”ياعفو“جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل ........ 3
خبر ناهي ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي؟ ........ 4
نماز نه پڙهڻ ته ڄڻ خطا ئي ناهي!!! ........ 5
جنهن دوست جي ڳالهه نه مڃون ........ 5
دعا جي قبوليت ۾ دير جو هڪ سبب ........ 7
حڪايت ........ 7
تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي! ........ 8
آفيسرن وٽ ته هر هر ڌڪا کائيندا آهيو پر ........ 9
دعا جي قبوليت ۾ دير ته ڪرم آهي ........ 12
مدني قافلي ۾ عِرق النساء جو علاج ٿي ويو ........ 13
”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل ........ 14
15 قرآني دعائون ........ 17
”قرآن“ جي چار اکرن جي نسبت سان آية الڪرسي جون 4 فضيلتون ........ 19
”آية الڪرسي“ جون پنج برڪتون ........ 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

## دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو”دعا گهرڻ جا 17 مدني گل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي نيڪ و جائز مرادن تي رحمت جي نظر ٿيِ، ان جون دعائون قبول ٿين ۽ اُن کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن سؤ (100) ڀيرا مون تي درود پاڪ پڙهي، جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو سموري مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سڀني جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي.

(حلية الاولياء، ج. 8، ص. 49، حديث 11341)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعا جي اهميت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دعا گهرڻ تمام وڏي سعادت آهي، قرآن ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ جڳهہ جڳهہ تي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، هڪ حديث پاڪ ۾ آهي. ”چا مان اوهان کي اها شيءِ نہ ٻڌايان

جيڪا اوهان کي اوهان جي دشمن کان نجات ڏئي ۽ توهان جو رزق وسيع ڪري، رات ڏينهن الله تعاليٰ کان دعا گهرندا رهو ڇوته دعا مؤمن جو هٿيار آهي“.

(المسند ابي يعلي، ج. 2، ص. 201، حديث 1806)

## دعا بلائن کي ٽاريندي آهي

**مڪي مدني سرڪار** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مشڪبار آهي: ”بلا (**مصيبت**) لهندي آهي پوءِ دعا ان سان وڃي ملندي آهي. پوءِ قيامت تائين ٻئي جهيڙو ڪندا رهندا آهن“.

(المستدرڪ، ج. 2، ص. 162، حديث 1856)

## عبادتن ۾ دعا جو مقام

**حضرت** اَبُو ذَر غِفاري رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهُ ارشاد فرمائن ٿا، عبادتن ۾ دعا جي اها ئي حيثيت آهي جيڪا کاڌي ۾ لوڻ جي“.

(تنبيه الغافلين، ص. 216، حديث 577)

## دعا جا ٽي فائدا

الله پاڪ جا محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو مسلمان اهڙي دعا ڪري جنهن ۾ گناهه ۽ قطع رحمي (**رشتو ٽوڙڻ**) جي ڪا ڳالهه نه هجي ته الله پاڪ ان کي ٽن شين مان ڪابه هڪ ضرور عطا فرمائيندو آهي ﴿1﴾ ان جي دعا جو نتيجو جلد ئي سندس زندگيءَ ۾ ظاهر ٿي ويندو آهي. ﴿2﴾ الله پاڪ ڪا مصيبت ان ٻانهي کان دور فرمائي ڇڏيندو آهي يا ﴿3﴾ ان جي لاءِ آخرت ۾ ڀلائي جمع ڪئي ويندي آهي. هڪ ٻئي روايت ۾ آهي ته ٻانهو (جڏهن آخرت ۾ پنهنجي دعائن جو ثواب ڏسندو جيڪي

دنيا ۾ مستجاب (يعني مقبول) ڪونہ ٿيون هيون تہ خواهش ڪندو، ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿئي ها.

(المستدرڪ للحاڪم، ج. 2، ص. 163-165، حديث 1859-1862)

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو! دعا ضايع تہ ٿيندي ئي ڪانهي. ان جو دنيا ۾ جيڪڏهن اثر ظاهر نہ بہ ٿئي تہ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب ضرور ملندو. تنهنڪري دُعا ۾ سُستي ڪرڻ مناسب ناهي.

## ”ياعفو“جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل

﴿1﴾: **پهريون** فائدو هي آهي تہ اللہ پاڪ جي حڪم جي پيروي ٿئي ٿي جو ان جو حڪم آهي تہ مون کان دعا گهرندا ڪريو. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اُدۡعُوۡنِیۡۤ اَسۡتَجِبۡ لَکُمۡ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس.
(پ. 24، المؤمن، 60)

﴿2﴾ دعا گهرڻ سنّت آهي جو اسان جا پيارا پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقتن ۾ دعا گهرندا هئا. انهيءَ ڪري دعا گهرڻ ۾ **اتباعِ سنّت** جو بہ شرف حاصل ٿيندو.

﴿3﴾ دعا گهرڻ ۾ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) بہ آهي جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا جي پنهنجي غلامن کي تاڪيد فرمائيندا رهندا هئا.

﴿4﴾ دعا گهرڻ وارو عابدن جي زُمري (يعني نيڪن جي جماعت) ۾ داخل ٿيندو آهي جو دعا هونئن ئي هڪ عبادت بلڪ عبادت جو بہ

مغز آهي. جيئن اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي.

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ

ترجمو: دعا عبادت جو مغز آهي.

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 243، حديث 3382)

﴿5﴾ **دعا** گهرڻ سان يا تہ ان جو گناهہ مُعاف ڪيو ويندو آهي يا دنيا ۾ ئي ان جا مسئلا حل ٿيندا آهن يا وري اها **دعا** ان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻجي ويندي آهي.

## خبر ناهي ڪهڙو گناهہ ٿي ويو آهي؟

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دعا گهرڻ ۾ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت بہ آهي، دعا گهرڻ سنّت بہ آهي، دعا گهرڻ سان عبادت جو ثواب بہ ملندو آهي ۽ پڻ ڪيترائي دنيا ۽ آخرت جا فائدا بہ حاصل ٿيندا آهن. ڪجهہ ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي تہ اهي دعا جي قبوليّت جي لاءِ تمام گهڻي تڪڙ ڪندا آهن بلڪ معاذالله ! شڪوه ڪندا آهن تہ اسان تہ هيتري عرصي کان دعائون گهري رهيا آهيون، بزرگن کان بہ دعائون ڪرائيندا رهيا آهيون ڪوبہ پير، فقير ناهي ڇڏيو هي وظيفا پڙهندا آهيون هو ورد پڙهندا آهيون، فلاڻي فلاڻي مزار تي بہ وياسين پر الله پاڪ اسان جي حاجت پوري ڪري ئي نہ ٿو پر ڪن کي تہ هيئن بہ چوندي ٻُڌو ويندو آهي: "**خبر ناهي اهڙو ڪهڙو گناهہ ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي.**"

## نماز نہ پڙهڻ تہ ڄڻ خطائي ناهي!!!

**اهڙي** ”اندر جي باهہ“ ڪڍڻ واري ڪان جيڪڏهن سوال ڪيو وڃي تہ ادا! توهان نماز تہ پڙهندا ئي هوندؤ؟ تہ شايد جواب ملندو ”جي نہ“ ڏنو توهان! زبان تي تہ بي اختيار جاري ٿي رهيو آهي تہ خبر ناهي آلائي ڪهڙي خطا اسان کان اهڙي ٿي آهي؟ جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي! ۽ نماز ۾ سندن غفلت تہ ڪين نظر ئي نہ ٿي اچي! ڄڻ نماز نہ پڙهڻ تہ (معاذالله) ڪو گناهہ ئي ناهي! نادان! پنهنجي مختصر وجود تي ئي توري نظر وجهي تہ ڏس! مٿي جا وار انگريزي، انگريزن جيان مٿو بہ اگهاڙو، لباس بہ انگريزي، چهرو دشمنانِ مصطفیٰ آتش پرستن (**يعني باهہ جي پوڄارين**) جهڙو يعني تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم سُنّت ڏاڙهي مبارڪ چهري تان غائب! رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقا اسلام جي دشمنن جهڙا، نماز بہ نہ پڙهو حالانڪ نماز نہ پڙهڻ وڏو گناهہ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام، ويتر سڄو ڏينهن ڪوڙ، غيبت، چُغلي، واعدي خلافي، بدگماني، بدنگاهي، والدين جي نافرماني، گار گند، فلمون ڊراما، گانا باجا، وغيره وغيره نہ ڄاڻ ڪيڏا گناهہ ڪيا ويندا آهن. پر اهي گناهہ ”صاحب“ کي نظر ئي نہ ٿا اچن. ايڏا گناهہ ڪرڻ جي باوجود شيطان غافل ڪري ڇڏي ٿو ۽ زبان مان هي شڪايت وارا لفظ نڪري رهيا هوندا آهن.

کیا خطا ہم سے ایسے ہوئی ہے؟ جس کی ہم کو سزا مل رہی ہے!

## جنهن دوست جي ڳالهہ نہ مڃون

**ٿورو** سوچو تہ سهي! توهان جو ڪو جگري دوست توهان کي

ڪيترائي ڀيرا ڪو ڪم چوي پر اوهان ان جو ڪم نہ ڪيو ۽ ڪڏهن اوهان جو پنهنجي انهيءَ دوست ۾ ڪم پئجي وڃي تہ ظاهر آهي اوهان کي پهريان تہ شرم ايندو جو مون تہ ان جو هڪ بہ ڪم ناهي ڪيو هاڻي هو ڀلا منهنجو ڪم ڪيئن ڪندو! جيڪڏهن توهان همٿ ڪري ڳالهہ ڪري بہ ڏني ۽ واقعي ان ڪم نہ بہ ڪيو تڏهن بہ توهان شڪايت نہ ڪري سگهندؤ ڇوتہ توهان بہ تہ پنهنجي دوست جو ڪو ڪم ڪونہ ڪيو هو.

**هاڻي ٿڌيءَ** دل سان غور ڪريو تہ الله پاڪ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ٻُڌايا، احڪام جاري فرمايا. پر اسين سندس ڪهڙن ڪهڙن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيندو تہ ان جي ڪيترن ئي حڪمن جي فرمانبرداريءَ ۾ اسان ڪان نهايت ئي ڪوتاهيون واقع ٿيون آهن. اميد آهي تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هوندي جو اسان پاڻ تہ پنهنجي پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمن تي عمل نہ ڪريون ۽ هو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ (يعني دعا) جو اثر ظاهر نہ فرمائي تہ ڏک، ڏورايو ڪٿي ويهي رهون. ڏسو نہ! جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪنهن جگري دوست جي ڪا ڳالهہ هرهر ٽاريندا رهو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو توهان ڪان دوستي ئي ختم ڪري ڇڏي. پر الله پاڪ ٻانهن تي ڪيتري قدر مهربان آهي جو سڄي عمر سندس فرمان جي خلاف ورزي ڪيون پوءِ بہ هُو پنهنجي ٻانهن جي فهرست مان خارج نٿو ڪري. هُو لطف ۽ ڪرم فرمائيندو ئي رهي ٿو. ٿورو غور تہ فرمايو! جيڪي ٻانها احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن هُو بہ سزا جي طور تي پنهنجا احسان روڪي ڇڏي تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟ يقيني طور تي ان جي عنايت ڪان سواءِ هڪ قدم بہ ڪونہ ڪٿي سگهندو. سوچيو! جيڪڏهن هو

پنهنجي عظيم الشّان نعمت هوا ڪي، جيڪا بلڪل مفت عطا فرمائي اٿس جيڪڏهن ڪجهه گهڙين جي لاءِ روڪي ڇڏي ته گهڙي پر ۾ ئي لاشن جا ڍير لڳي وڃن!!

## دعا جي قبوليت ۾ دير جو هڪ سبب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڪثر ڪري دعا جي قبوليّت جي دير ۾ ڪافي مصلحتون به هونديون آهن جيڪي اسان جي سمجهه ۾ ناهن ايندڙيون. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي: جڏهن الله پاڪ جو ڪو پيارو **دعا** گهرندو آهي ته الله پاڪ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) کي ارشاد فرمائيندو آهي، ”ترسو! هاڻي نه ڏيوس ته جيئن ٻيهر گهري ڇو ته مون کي انهيءَ جو آواز پسند آهي.“ ۽ جڏهن ڪو ڪافر يا فاسق **دعا** گهرندو آهي ته فرمائيندو آهي، ”اي جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام)! هن جو ڪم جلدي ڪري ڇڏيو ته جيئن ٻيهر نه گهري جو مون کي ان جو آواز مڪروهه (يعني ناپسند) آهي.

(ڪنزالعمال ج 2 ص 39 حديث 3261)

## حڪايت

**حضرت** يحيٰي بن سعيد بن قطان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ الله پاڪ کي خواب ۾ ڏٺو، عرض ڪيائين، اِلٰهي مان اڪثر **دعا** گهرندو آهيان ۽ تون قبول ناهين فرمائيندو؟ حڪم ٿيو، ”اي يَحْيىٰ! مان تنهنجي آواز کي دوست رکان ٿو. انهيءَ ڪري تنهنجي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ڪندو آهيان.“

(احسن الوعاء، ص. 35)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هينئر جيڪا حديثِ پاڪ ۽ حڪايت گذري ان ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته الله پاڪ کي پنهنجي نيڪ ٻانهن جو روئڻ

۾ باڌائڻ پسند آهي ته ائين به عام طور تي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ٿيندي آهي. هاڻي انهيءَ مصلحت کي اسين ڪيئن ٿا سمجهي سگهون! بهرحال تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. ”احسن الوعاءِ“ جي صفحي 33 تي **آدابِ دعا** بيان ڪندي حضرت رئيس المتڪلمين مولانا نقي علي خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيه فرمائن ٿا:

## تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي!

(دعا جي آداب مان هي به آهي ته) **دعا** جي قبوليّت ۾ تڪڙ نه ڪجي. حديث شريف ۾ آهي ته الله پاڪ ٽن ماڻهن جي **دعا** قبول ناهي ڪندو. هڪ اهو جيڪو گناهه جي **دعا** گهري. ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهه چاهي جيڪا قطع رِحم هجي. ٽيون اهو جيڪو قبولجڻ ۾ تڪڙ ڪري ته مون **دعا** گهري اجان تائين قبول ناهي ٿي.

(صحيح مسلم، ص. 1463، حديث 2735)

هن حديث ۾ فرمايو ويو آهي ته ناجائز ڪم جي دعا نه گهري وڃي جو اها قبول ناهي ٿيندي ۽ پڻ ڪنهن رشتيدار جو حق ضايع ٿيندو هجي ته اهڙي دعا به نه گهرجي ۽ **دعا** جي قبوليّت جي لاءِ تڪڙ به نه ڪجي نه ته **دعا** قبول ڪونه ڪئي ويندي.

”اَحسَنُ الْوِعَاءِ لِاٰدَابِ الدُّعاءِ“ تي اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه حاشيو تحرير فرمايو آهي ۽ ان جو نالو ”ذَيلُ الْمُدَّعا لِاَحْسَنِ الْوِعاء“ رکيو آهي. انهيءَ حاشيي ۾ هڪ جاءِ تي دعا جي قبوليّت ۾ تڪڙ ڪرڻ وارن کي پاڻ پنهنجي مخصوص ۽ نهايت ئي علمي انداز ۾ سمجهائيندي فرمائن ٿا.

## آفيسرن وٽ تہ هر هر ڌِڪا کائيندا آهيو پر...

**سگانِ دنيا** (يعني دنياوي آفيسرن) جي اميدوارن (يعني انهن کان ڪم ڪڍڻ جي خواهشمندن) کي ڏنو ويندو آهي تہ ٽن ٽن سالن تائين اميدواري (۾ انتظار) ۾ گذاريندا آهن، صبح ۾ شام سندن دروازن تي ڌڪا کائيندا آهن ۽ اهي (آفيسر) آهن جو ڪين ڏسندا بہ ناهن، جواب ناهن ڏيندا، دڙڪا ڏيندا آهن، خار کائيندا ۽ چهري ۾ گهنج وجهندا آهن، اميدواريءَ ۾ خرچ ڪيو تہ بيگار (بيڪار محنت) مٿي تي ڪنئي، هي حضرات (يعني اميدوار) پنهنجي ڪيسي منجهان ڪائيندا آهن گهران گهرائيندا آهن، هرويرو بيڪار (يعني فضول محنت) جي مصيبت سر تي سهندا آهن ۽ اُتي(يعني آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ ۾ ڪين) سال گذري وڃن تہ بہ جڏهن انهن جي لاءِ پهريون ڏينهن آهي پر هي (دنياوي آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ وارا) نہ اميد ختم ڪندا آهن نہ (آفيسرن جو) پيچو ڇڏيندا آهن ۽ اَحْكَمُ الْحَاكِمِين، اَكْرَمُ الْاَكْرَمِين جي دروازي تي پهريان تہ اچي ئي ڪير ٿو! ۽ اچي بہ تہ بي دليو ٿي، تڪڙ ۾، سياٽي ٽيڻ وارو ڪم اڄ ٿي وڃي. هڪ هفتو ڪجهہ (ورد) پڙهندي تہ چا گذريو، هاڻي شڪايت شروع ڪري ڏني، سائين! پڙهيو تہ هيم پر ڪجهہ اثر نہ ٿيو! اهي بيوقوف پنهنجي لاءِ اجابت (يعني قبوليّت) جو دروازو پاڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن. مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا:

يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَالَمْ يَعْجَلْ يَقُوْلُ دَعَوْتُ فَلَمْ يُسْتَجَبْ لِيْ

**ترجمو:** ”توهان جي دعا قبول ٿيندي آهي جيستائين تڪڙ نہ ڪريو هي نہ چئو تہ مون دعا گهري هئي پر قبول نہ ٿي.“

(صحيح البخاري، ج. 4، ص. 200، حديث 6340)

**ڪجھہ** تہ ان تي اھڙا بي قابو ٿي ويندا آھن جو اعمال واَدْعِيَّہ (يعني وردن ۽ دعائن) جي اثر کان بي اعتقاد، بلڪ الله پاڪ جي ڪرم واري واعدي کان بي اعتماد ٿي ويندا آھن. وَالْعِيَاذُ بِاللهِ الْكَرِيْمِ الْجَوَادِ.

اھڙن کي چيو وڃي تہ اي بي حيا! بي شرمو!! ٿورو پنھنجي گريبان ۾ جھاتي پائي ڏسو. جيڪڏھن ڪو توھان جو ھڪ جيڏو دوست توھان کي ھزار ڀيرا ڪجھ پنھنجا ڪم چوي ۽ توھان ان جو ھڪڙو ڪم بہ نہ ڪريو تہ پنھنجو ڪم ان کي چوندي، اوّل تہ پاڻ لڄي ٿيندؤ جو اسان تہ سندس چوڻ ورتو ئي ناھي ھاڻي ڪھڙي منھن سان ان کي ڪم لاءِ چئون؟ ۽ جيڪڏھن مطلب پيو تہ چئي بہ ڏِنوَ ۽ ان (**جيڪڏھن توھان جو ڪم**) نہ ڪيو تہ ڪھڙيءَ ريت بہ ڏوراپو ڪونہ ڏيندؤ. ظاھر آھي پاڻ ئي سمجھو ٿا جو مون (**ان جو ڪم**) ڪٿي ڪيو ھو؟ جو ھُو ڪندو! ھاڻي ڏسو تہ توھان مَالِكِ عَلَى الْاِطْلَاق جي ڪيترن حڪمن تي عمل ڪريو ٿا؟ ان جا حڪم نہ مڃڻ ۽ پنھنجي گذارش (**يعني دعا**) جي ھر صورت ۾ قبوليّت چاھڻ ڪيڏي نہ بي حيائي آھي!

**او بي عقل!** پوءِ فرق ڏس! پنھنجي مٿي کان پيرن تائين غور سان نظر ڪر، ھڪ ھڪ لُونءَ ۾ ھر وقت، ھر گھڙي، ڪيتريون ڪيتريون ھزارين بيشمار نعمتون آھن. تون سمھين ٿو ۽ ان جا معصوم ٻانھا (**يعني فرشتا**) تنھنجي حفاظت جي لاءِ پھرا ڏيئي رھيا آھن، تون گناھ ڪري رھيو آھين ۽ (**پوءِ بہ**) مٿي کان پيرن تائين صحت ۽ عافيّت، آفتن کان حفاظت، کاڌي جو ھاضمو، فُضَلات (يعني **جسم جي اندرين گندگين**) جو نڪرڻ، رت جي رواني، عضون ۾ طاقت، اکين ۾ روشني، بي حساب ڪرم بنا گھرڻ جي بنا چاھڻ جي

توکي نصيب ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪڏهن تنهنجون ڪجھ گھرجون پوريون نہ ٿين تہ ڪھڙي منهن سان شڪايت ڪرين ٿو؟ توکي ڪھڙي خبر تہ تنهنجي لاءِ ڀلائي ڇا ۾ آهي! تو کي ڇا خبر تہ ڪھڙي سخت مصيبت اچڻ واري هئي جيڪا هن (ظاهر ۾ قبول نہ ٿيڻ واري) دعا ٽاري ڇڏي. توکي ڪھڙي خبر تہ هن دعا جي عيوض ڪيڏو ثواب تنهنجي لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي، ان جو واعدو سچو آهي ۽ قبوليّت جون هي ٽي صورتون آهن جن مان هر پهرين، پوئين کان اعلىٰ آهي. ها، بي اعتقادي آئي تہ يقين ڄاڻ تہ تون خساري ۾ آهين ۽ ابليس لعين توکي پاڻ جھڙو ڪري ڇڏيو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰی (۽ اللّٰه پاڪ جي پناهہ، اهو پاڪ آهي ۽ عظمت وارو)

**اي ذليل خاڪ!** اي آبِ ناپاڪ! پنهنجو منهن ڏس ۽ هن عظيم شرف تي غور ڪر، جنهن توکي پنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ، پنهنجو پاڪ ۽ مُتعالي (يعني بلند) نالو وٺڻ، پنهنجي طرف منهن ڪرڻ، پنهنجي پُڪارڻ جي توکي اجازت ڏئي ٿو. لکين مُرادون هن فضلِ عظيم تان گھور.

**او بي صبرا!** ڪجھ پِنڻ سِکُ، هن بلند آستاني جي خاڪ تي ليٽڙيون پاءِ. چنبڙيل رهہ ۽ لڳاتار ان اميد جي طرف نظر رک تہ هاڻي عطا ڪندو هاڻي عطا ڪندو! بلڪ ان کان گھرڻ ۽ ان کان مناجات ڪرڻ جي لذت ۾ ائين گم ٿي وڃ جو ارادو ۽ مُراد ڪجھ ياد ئي نہ رهي، يقين رک تہ هن دروازي کان هرگز محروم نہ موٽندين جو مَنْ دَقَّ بَابَ الْكَرِيْمِ اِنْفَتَحَ (جنهن ڪريم جو دروازو ڪڙڪايو تہ اهو ان لاءِ کُلي ويو) وَبِاللّٰهِ التَّوْفِيْقُ (۽ توفيق اللّٰه پاڪ جي طرفان آهي)

(ذيل المدّعا لِاحسن الوعاء، ص. 34-37)

# دعا جي قبوليت ۾ دير ته ڪرم آهي

حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي عزيز! تنهنجو پروردگار فرمائي ٿو:

أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ

ترجمو ڪنزالايمان: مان دعا گهرڻ واري جي دعا قبول ڪندو آهيان جڏهن مون کان دعا گهري.

(پ. 2، البقره، 186)

فَلَنِعْمَ الْمُجِيبُونَ ﴿٧٥﴾

ترجموڪنزالايمان: پوءِ اسان ڪهڙا نه سنا قبول ڪرڻ وارا آهيون.

(پ. 23، الصّٰفّٰت، 78)

اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ

ترجموڪنزالايمان: مون کان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس.

(پ. 24، المؤمن، 60)

تنهنڪري يقين سمجهه ته هو توکي پنهنجي در کان محروم نه ڪندو ۽ پنهنجي واعدي کي وفا فرمائيندو. هُو پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائي ٿو.

وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١٠﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سوالي کي نه جهڙڪ.

(پ. 30، والضحٰى، 10)

ته الله پاڪ پاڻ ڪيئن پنهنجي سخا جي در کان پري ڪندو؟ جڏهن ته هُو توتي پنهنجي ڪرم جي نگاهه رکي ٿو. جنهن ڪري تنهنجي دعا کي قبول ڪرڻ ۾ دير ڪندو آهي.

(احسن الوعاء، ص. 32-33)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪري دعا گھرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪافي واقعا ٻُڌڻ لاءِ ملندا آهن.

## مدني قافلي ۾ عِرق النساء جـو علاج ٿي ويو

**هڪ اسلامي** ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ عرض ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. اسان جو **مدني قافلو** ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيو قافلي وارن مان هڪ اسلامي ڀاءُ کي **عِرقُ النّساء** (**يعني رڳ**) جو شديد سور پوندو هو. ويچارو سور جي شدت کان پاٽيءَ مان ٻاهر نڪتل مڇيءَ جيان ڦٿڪندو هو. هڪ ڀيري سور جي سبب سڄي رات سُمهي نه سگھيو. آخري ڏينهن **اميرِ قافلا** فرمايو: اچو سڀئي ملي ڪري هن جي لاءِ دعا ڪريون. جيئن ئي دعا شروع ٿي ان اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعا جي دوران ئي سور ۾ گھٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي ۽ ڪجھ دير کان پوءِ **عِرقُ النِّسَاء** جو سور بلڪل ختم ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه هي بيان ڏيڻ وقت ڪافي عرصو ٿي چُڪو آهي اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن مون ڪي وري ڪڏهن **عِرقُ النِّساء** جي تڪليف نه ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه هي بيان ڏيڻ وقت مون کي علائقائي **مدني قافلا** ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون ڌومون مچائڻ جي خدمت مليل آهي.

گر ہو، عرقِ النسا، یا کوئی عارضہ سا
پاؤ گے صحتیں، قافلے میں چلو
دور بیماریاں، اور پریشانیاں
ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان **عِرقُ النِّساء** جهڙي مُوذي مرض کان نجات ملي وئي. **عِرقُ النِّساء** جي سڄاٽپ هي آهي تہ هن ۾ ران جي جوڙ کان وٺي پيرن جي پيڏين تائين شديد سور ٿيندو آهي هي مرض سالن تائين پيڇو ناهي ڇڏيندو.

## ”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

(تقريبا تمام مدني گل احسن الوعاء لاداب الدعاء مع شرح ذيل المدعا لاحسن الوعاء مطبوعہ مڪتبة المدينہ کان نڪتل آهي)

﴿1﴾ دعا ۾ حد کان نہ وڌجي، مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ، ﴿2﴾ ٻنهي جهانن جون سموريون ڀلايون ۽ سڀ جون سڀ خوبيون گهرڻ بہ منع آهي، ڇو تہ انهن خوبين ۾، انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي ملي نٿا سگهن. (ص 81-80) ﴿3﴾ جيڪو مُحال (يعني ناممڪن) يا مُحال جي قريب هجي ان جي دعا نہ ڪرڻ گهرجي تنهنڪري هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيّت گهرڻ جو ماڻهو سڄي عمر ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي اهو مُحالِ عادي جي دعا گهرڻ آهي، ائين ئي ڊگهي قد واري ماڻهوءَ جو ننڍو قد ٿيڻ يا ننڍي اک واري جو وڏي اک جي دعا گهرڻ ممنوع آهي ڇوتہ هي اهڙي امر(ڪم) جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چُڪو آهي. (ص 81) ﴿4﴾ گناهہ جي دعا ڪرڻ نہ گهرجي تہ مون کي پرائو مال ملي وڃي ڇوتہ گناهہ جي طلب ڪرڻ بہ گناهہ آهي. (ص 82) ﴿5﴾ قطعِ رِحم (مثلاً فلاڻي مائٽن ۾ جهيڙو ٿي پوي) جي دعا نہ ڪرڻ گهرجي. (ص 82) ﴿6﴾ الله پاڪ کان رڳو حقير شيءِ نہ گُهرجي ڇوتہ پروردگار غني آهي

بلڪ پنهنجي سڄي توجُّھ ان ڳالهه ڏانهن ڏئي رکي ۽ هر شيءِ جو ان کان سوال ڪجي. (ص84) ❴7❵ رنج ۽ مصيبت کان گهٻرائجي ڪري پنهنجي مرڻ جي دعا نہ ڪرڻ گُهرجي. خيال رهي تہ دنياوي نقصان کان بچڻ جي لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف کان جائز.

(ص 85، 87) ❴8❵ بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي مرڻ ۽ بربادي جي دعا نہ ڪرڻ گُهرجي، پر جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين ۽ غالب گمان هجي ۽ (ان جي) جيئڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبهہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، برباد ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ فائديمند هجي تہ اهڙي شخص جي لاءِ بد دعا ڪرڻ صحيح آهي. (ص87) ❴9❵ ڪنهن مسلمان کي هيءَ بد دعا نہ ڏجي تہ ”تون ڪافر ٿي وڃين“ ڇوتہ ڪجهہ علماء جي ويجهو (اهڙي دعا ڪرڻ) ڪفر آهي ۽ تَحقيق هي آهي تہ جيڪڏهن ڪفر کي سٺو يا اسلام کي بُرو ڄاڻي ڪري چيائين تہ بيشڪ ڪفر آهي نہ تہ وڏو گناھ آهي جو مسلمان جو بُرو چاهڻ حرام آهي خصوصًا اهو بُرو چاهڻ (تہ فلاڻي جو ايمان برباد ٿي وڃي) تہ سڀني بد خواهين کان بدتر آهي. (ص 90) ❴10❵ ڪنهن مسلمان تي لعنت نہ ڪجي ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نہ چوي ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان تي بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪجي. (ص 90) ❴11❵ ڪنهن مسلمان کي هيءَ بد دعا نہ ڏجي تہ ”توتي خدا جو غضب نازل ٿئي ۽ تون (ڇُلهي ۽) باھ يا دوزخ ۾ داخل ٿين“، جو حديث پاڪ ۾ ان کان روڪيو ويو آهي. (ص 100) ❴12❵ جيڪو ڪافر ٿي مُئو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ حرام ۽ ڪفر آهي. (ص 100) ❴13❵ هي دعا ڪرڻ: ”خدايا! سڀني مسلمانن جا سڀ گناھ بخشي ڇڏ.“ جائز ناهي

جو ان مان انهن احاديثِ مبارڪ ڪي ڪوڙو سمجهڻ معلوم ٿئي ٿو جن ۾ ڪجهه مسلمانن جي دوزخ ۾ وڃڻ جو ذڪر آهي. (ص 106) پر هيئن دعا ڪرڻ ”سڄي امتِ محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت (يعني بخشش) ٿئي“ يا سمورن مسلمانن جي مغفرت ٿئي جائز آهي. (ص 103) **﴿14﴾** پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي دوستن لاءِ (پنهنجي) اهل ۽ مال ۽ اولاد جي لاءِ بد دعا نہ ڪجي، ڪهڙي خبر جو اهو قبوليت جو وقت هجي ۽ بد دعا جو اثر ظاهر ٿيڻ تي ندامت ٿئي. (ص107) **﴿15﴾** جيڪا شيءِ اڳ ۾ پاڻ وٽ موجود هجي ان جي دعا نہ ڪجي مثلاً مرد هيئن نہ چوي تہ ”يا الله پاڪ مون کي مرد ڪر“ جو اهو استهزاءَ (يعني مذاق اڏائڻ) آهي، پر اهڙي دعا جنهن ۾ شريعت جي حڪم جي پوئيواري يا عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار يا پروردگار ۽ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا ديندارن ڏانهن رغبت يا ڪفر ۽ ڪافرن سان نفرت وغيره جا فائدا نڪرندا هجن اها جائز آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالهہ جو حاصل ٿيڻ يقيني هجي، جيئن درود شريف پڙهڻ، وسيلي جي، صراط مسقيم جي، الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ. (ص 108) **﴿16﴾** دعا ۾ تنگي نہ ڪري مثال طور هيئن دعا نہ گهرجي تہ يا الله پاڪ صرف مون تي رحم فرماءِ يا صرف مون کي ۽ منهنجي فلاڻي فلاڻي دوست کي نعمت بخش (ص 109) بهتر هي آهي تہ سڀني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪجي ان جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو تہ جيڪڏهن پاڻ ان نيڪ ڳالهہ جو حقدار نہ بہ هوندو تہ سڻن مسلمانن جي طفيل حاصل ڪري وٺندو. **﴿17﴾** حجة الاسلام حضرت امام محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ”مضبوط عقيدي سان دعا گهرجي ۽ قبوليت جو يقين رکجي“.

(احياءَ العلوم، ج. 1، ص. 770)

# 15 قرآني دعائون

(1) رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

(پ 2 البقره 201)

(2) رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان جي پڪڙ نه فرماءِ جيڪڏهن اسان وساريون يا غلطي ڪري ويهون.

(پ 3 البقره 286)

(3) رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا ربّ اسان تي ڳرو بار نه رک جهڙو (يا جيئن) تو اسان کان اڳين تي رکيو هو.

(پ 3 البقره 286)

(4) رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان جون دليون ڪوٽيون نه ڪر هن ڪانپوءِ جو تو اسان کي هدايت ڏني ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر بيشڪ تون ئي وڏو عطا ڪندڙ آهين.

(پ 3 ال عمران 8)

(5) رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۶﴾

ترجموڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان ايمان آندو تون اسان جا گناهه معاف فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

(پ 3 ال عمران 16)

(6) رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿۱۹۳﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار تون اسان جا گناهه بخش ۽ اسان جون
برايون ميٽ ۽ پلارن سان اسان جو موت ڪر.

(پ 4 ال عمران 193 )

(7) رَبَّنَا لَا تَجۡعَلۡنَا مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۷﴾

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان کي ظالمن سان گڏ نه ڪر.

(پ 8 ال الاعراف 47)

(8) رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّ تَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۱۲۶﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا ربّ اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان کي مسلمان ڪري
اتار.

(پ 9 الاعراف126)

(9) رَبِّ اجۡعَلۡنِىۡ مُقِيۡمَ الصَّلٰوةِ وَمِنۡ ذُرِّيَّتِىۡ ‌ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلۡ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا ربّ، مون کي نماز قائم ڪندڙ رک ۽ ڪجهه
منهنجي اولاد کي اي اسان جا رب ۽ اسان جي دعا قبول فرماءِ.

(پ 13 ابراهيم 41)

(10) رَبَّنَا اغۡفِرۡ لِىۡ وَلِوَالِدَىَّ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَوۡمَ يَقُوۡمُ الۡحِسَابُ ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ مون کي بخش ۽ منهنجي ماءُ پيءُ ۽
سمورن مسلمانن کي جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو.

(پ 13 ابراهيم 41)

(11) رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغۡفِرۡ لَنَا وَارۡحَمۡنَا وَاَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿۱۰۹﴾

ترجموڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان ايمان آندو تون اسان کي معاف فرماءِ
۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون سيني کان بهتر رحم ڪندڙ آهين.

(پ 18 المومنون 109)

(12) رَبَّنَا هَبۡ لَنَا مِنۡ اَزۡوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعۡيُنٍ وَّاجۡعَلۡنَا لِلۡمُتَّقِيۡنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾

ترجموڪنز الايمان: اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٿڌاڻ ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بناءِ.

(پ 19 الفرقان 74)

(13) رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِیْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِیْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ فِیْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَاۤ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۰﴾

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا ربّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪينو نہ رک اي اسان جا ربّ بيشڪ تون ئي نهايت مهربان رحم وارو آهين.

(پ 28 الحشر 10)

(14) رَبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّیٰطِیْنِ ﴿۹۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي منهنجا رب تنهنجي پناهہ گهران ٿو شيطانن جي وسوسن کان.

(پ 18 المؤمنون 97)

(15) رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّیٰنِیْ صَغِیْرًا ﴿۲۴﴾

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحمت ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

(پ15 بني اسرائيل 24)

## ”قرآن“ جي چار اکرن جي نسبت سان آية الڪرسي جون 4 فضيلتون

﴿1﴾ **حديث شريف** ۾ آهي تہ هي آيت قرآن شريف جي آيتن مان تمام گهڻي عظمت واري آهي.

(اَلدُّرُّ المَنْثُور ج 2 ص 6)

﴿2﴾ حضرت ابي بن ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، محبوبِ رب اڪبر صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايو: اي اَبُومُنْذِر! ڇا توکي خبر آهي تہ قرآن پاڪ جون جيڪي آيتون توکي ياد آهن انهن مان ڪهڙي آيت عظيم آهي؟ مون عرض ڪيو: اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ پوءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي سِيني تي هٿ هنيو ۽ فرمايائون اي اَبُوَ مُنْذِر! توکي علم مبارڪ هجي.

(صحيح مسلم، ص. 405، حديث 810)

﴿3﴾ **مستدرڪ** جي هڪ روايت ۾ آهي تہ ”**سورت البقرة**“ ۾ هڪ آيت آهي جيڪا قرآن پاڪ جي تمام آيتن جي سردار آهي، اها آيت جنهن گهر ۾ پڙهي وڃي ان گهر مان شيطان ڀڄي ويندو آهي ۽ اها آية الڪرسي آهي.“

(مستدرڪ للحاڪم، ج. 2، ص. 647، حديث 3080)

﴿4﴾ امير المؤمنين حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: تہ مون نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي منبر تي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهي ان کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان موت کان سواءِ ڪا شيءِ ناهي روڪيندي ۽ جيڪو بہ رات جو سمهڻ وقت هن کي پڙهندو الله پاڪ ان کي، ان جي گهر کي ۽ پرپاسي جي گهرن کي محفوظ فرمائي ڇڏيندو.

(شعب الايمان، ج. 2، ص. 458، حديث 2395)

## ”آية الڪرسي“ جون پنج برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص هر نماز کان بعد **آية الڪرسي** پڙهندو ان کي هيٺ لکيل برڪتون نصيب ٿينديون.

﴿1﴾ اهو مرڻ کان پوءِ جنّت ۾ ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه ﴿2﴾ اهو شيطان ۽ جنن جي سيٺي فسادن کان محفوظ رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

﴿3﴾ جيڪڏهن محتاج هوندو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ان جي محتاجي ۽ غريبي ختم ٿي ويندي.

﴿4﴾ جيڪو شخص صبح ۽ شام ۽ بستري تي ليٽڻ وقت **آية الكرسي** ۽ ان کان پوءِ جون ٻه آيتون خٰلِدُوْنَ ﴿۲۵۷﴾ تائين پڙهندو ته اهو چوري، پاڻي ۾ ٻڏڻ ۽ (**باهه**) ۾ سڙڻ کان محفوظ رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

﴿5﴾ جيڪڏهن سڄي گهر ۾ ڪنهن مٿانهين جڳهه تي لکي ڪري ان جي تختي لٽڪائي ڇڏجي ته اِنْ شَآءَاللّٰه ان گهر ۾ ڪڏهن فاقو (**يعني ننڍي يا وڏي**) نه ايندو بلڪ روزي ۾ برڪت ۽ واڌارو ٿيندو اِنْ شَآءَاللّٰه ۽ **ان گهر ۾ ڪڏهن به چور نه اچي سگهندو.**

(جنتي زيور، ص. 589)

# پسنديده دعا

سيني ڪان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جنهن شخص جي لاءِ دعا جو دروازو کوليو ويو، ان جي لاءِ رحمت جو دروازو کوليو ويو. الله پاڪ کان ڪيا ويندڙ سوالن مان پسنديده سوال عافيت جو آهي. جيڪي مصيبتون نازل ٿي چڪيون ۽ جيڪي نازل ناهن ٿيون انهن سيني ۾ دعا سان نفعو ٿيندو آهي، ته اي الله جا ٻانهؤ! دعا ڪرڻ کي(پاڻ) تي لازم ڪيو.

(ترمذي، جلد5 ص321، حديث:3559)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net